سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# والدين جا
# 3 حق

(قسط چوٿين)

10 جولاءِ 2025



# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرائڻ: **5** منٽ **(3):** جائزو: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ والدين جا **3** حق **(قسط:4)** سيکاريا ويندا ۽ ڪِيرَ پيئڻ کان بعد پڙهڻ واري دعا ياد ڪرائي ويندي. ۽ آخر ۾ **نيڪ اعمال** رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَاللہُ الْکَرِیْم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

**آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **جو فرمان آهي:** مون تي درود پاڪ پڙهڻ پل صراط تي نور آهي، جيڪو جمعي جي ڏينهن مون تي **80** پيرا درود شريف پڙهندو ان جا **80** سالن جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [(1)]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## والدين جا 3 حق (قسط چوٿين)

### آيت مبارڪ

وَ قَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْۤا اِلَّاۤ اِیَّاهُ وَ بِالْوَالِدَیْنِ اِحْسَانًاؕ اِمَّا یَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَاۤ اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَاۤ اُفٍّ وَّ لَا تَنْهَرْهُمَا وَ قُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِیْمًا(۲۳)

(پارو: **15**، سورة بني اسرائيل: **23**)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ تنهنجي رب حڪم فرمايو تہ ان کان سواءِ ڪنهن بئي جي عبادت نہ ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱو سلوڪ ڪريو. جڏهن تنهنجي سامهون انهن

---

1...الترغیب فی فضائل الاعمال، باب مختصر من الصلاۃ علی رسول اللہ صلی اللہ علیہ وسلم، صفحہ:14، حدیث:22۔

مان کو ھکڙو يا ٻئي پوڙھاپ کي پھچي وڃن تہ انھن کي اُف تائين نہ چئجانءِ ۽ انھن کي نہ جھڻڪجانءِ ۽ انھن سان نرم تعظيم واري ڳالھ ڳالھائجانءِ.

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم تي دفعا فرمايو: ڇا مان توھان کي اِھو نہ ٻڌايان تہ کبيرھ گناھن ۾ سڀني کان وڏو گناھ کھڙو آھي؟ عرض کيو ويو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم! ضرور ٻڌايو. فرمايائون: الله پاڪ سان ڪنھن کي شريڪ ڪرڻ ۽ ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ.[1]

## والدين جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! الله ۽ ان جي رسول اسان کي والدين سان نيڪي ۽ ڀلائي جو حڪم ڏنو آھي. ھي جنت ۾ وٺي وڃڻ وارو عمل آھي. والدين جا ڪيترائي حق آھن، جن مان 9 حق اسان اڳ ۾ سکي چڪا آھيون ۽ 3 اڄ سکنداسين. اچو تہ! پھريان سڪيل حق ورجائي وٺون: (1) اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪرڻ (2) والدين کي راضي رکڻ (3) والدين جي خدمت ڪرڻ (4) ادب ۽ احترام ڪرڻ (5) والدين جي لاءِ دعا گھرڻ (6) والدين جي واسطيدارن سان صلهٔ رحمي ڪرڻ (7) والدين کي برو پلو نہ چوڻ (8) والدين جي وفات کان بعد انھن جي تجھيز و تڪفين يعني ڪفن دفن وغيرھ جو بندبست ڪرڻ (9) والدين جو قرض ادا ڪرڻ

وڌيڪ 3 حق جيڪي اڄ سکڻا آھن:

**پھريون حق: والدين جي وصيت پوري ڪرڻ**

**وضاحت**: مرڻ وارو جيڪو پنھنجي موت کان اڳ ۾ پيغام ڏيندو آھي تہ منھنجي

1....الادب المفرد، باب عقوق الوالدين، صفحہ:17، حديث:15۔

مرڻ کان پوءِ هيئن ڪجو، ان کي **وصيت** چئبو آهي. [1] مثال طور والد مرڻ کان اڳ ۾ چيو ته ❁ منهنجو هيترو مال صدقو ڪجو ❁ منهنجي مال مان مسجد يا مدرسو وغيره تعمير ڪرائجو. والدين جي حقن مان آهي ته انهن جون جائز وصيتون پوريون ڪيون وڃن ۽ انهن جي هر جائز حڪم کي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي، جيڪڏهن انهن ڪنهن سان واعدو ڪيو هجي ته ان کي به پورو ڪجي.

**ضروري مسئلو:** وصيت بابت هي ياد رکو ته! ❁مال بابت وصيت، مثال طور: ❁ منهنجو مال غريبن ۾ ورهائجو ❁ منهنجو مال مسجد، مدرسي يا ڪنهن فلاحي اداري کي ڏئي ڇڏجو وغيره. اهڙي وصيت کي مال جي ٽئين حصي (يعني مڪمل مال جو ٽيون حصو) مان پورو ڪيو ويندو. جيڪڏهن والدين ٽئين حصي کان وڌيڪ مال جي وصيت ڪئي ۽ انهن جي وفات کان پوءِ سيئي وارث ٽئين حصي کان وڌيڪ وصيت نافذ ڪرڻ جي اجازت ڏين ۽ سيئي اجازت ڏيڻ جا اهل به هجن (يعني سڀ عاقل بالغ هجن) ته پوءِ ٽئين حصي کان وڌيڪ وصيت پوري ڪرڻ به جائز آهي. [2]

**نوٽ : وصيت جي مسئلن بابت تفصيلي معلومات جي لاءِ دار الافتاء اهلِسنت سان رابطو ڪريو.**

### ٻيون حق: والدين جي قبر جي زيارت ڪرڻ

**وضاحت:** يعني والدين جي قبر تي وقت بوقت حاضري ڏيندو رهڻ، جيڪڏهن رستي ۾ والدين جي قبر ايندي هجي ته حاضري ڏيڻ کان سواءِ نه گذرڻ ۽ هفتي

1.... تفسیر نعیمی، پارہ:1، سورۂ بقرۃ، تحت آیت:132، جلد:1، صفحہ:749۔
2.... فتاوی اہلسنت، ریفرینس نمبر:Aqs-2017۔

۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو والدين جي قبر تي ضرور حاضري ڏيڻ. اتي وڃي سوره يسٰين شريف جي تلاوت ڪري، فاتحہ ۽ درود و سلام پڙهي ڪين ايصال ثواب ڪرڻ، سندن بخشش ۽ درجات جي بلندي لاءِ دعا گهرڻ ❁پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو هر جمعي تي پنهنجي ماءُ پيءُ يا انهن مان ڪنهن هڪ جي قبر جي زيارت ڪري، اللّٰه پاڪ ان جا گناهہ معاف فرمائيندو آهي ۽ ان کي والدين جو فرمانبردار لکيو ويندو آهي.[1] هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي والدين جي قبر جي زيارت ڪري، اهو مقبول حج ڪرڻ واري جي مثل آهي ۽ ❁ جيڪو ڪثرت سان والدين جي قبر جي زيارت ڪري، فرشتا ان جي قبر جي زيارت لاءِ ايندا.[2]

### ٽيون حق : مرحوم والدين کي پنهنجن گناهن سان تڪليف نہ ڏيڻ

**وضاحت:** هي والدين جو اهم ترين حق آهي تہ هر قسم جي ننڍي ۽ وڏي گناهہ کان بچجي ۽ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪيون وڃن، ڇو تہ والدين کي قبر ۾ اولاد جي سمورن عملن جي خبر پهچندي آهي. نيڪيون ڏسي خوش ٿيندا آهن، گناهہ ڏسي غمگين ٿيندا آهن ۽ انهن جي دل کي صدمو پهچندو آهي. نبي ڪريم، رؤف الرحيم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ٻانهن جا اعمال هر سومر ۽ خميس جي ڏينهن اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هر جمعي تي انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلام ۽ سندن والدين جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. اهي نيڪ اعمال ڏسي خوش ٿيندا آهن ۽ ان جي ڪري سندن چهري جي روشني وڌي ويندي آهي.

1....نوادرالاصول، الاصل الخامس عشر في تحقيق التهديد على زوارات القبور، جلد:1، صفحہ:72-
2....نوادرالاصول، الاصل الخامس عشر في ت تحقيق التهديد على زوارات القبور، جلد:1، صفحہ:72-

تنهنڪري الله کان ڊڄو ۽ پنهنجي مرحوم والدين کي پنهنجن گناهن سان تڪليف نہ ڏيو. (1)

## دهرائي

**اڄ اسان والدين جا 3 حق سکيا آهن، ٻيهر دهرائي وٺو!**

(1) والدين جي وصيت پوري ڪرڻ (2) والدين جي قبر جي زيارت ڪرڻ (3) مرحوم والدين کي پنهنجن گناهن سان تڪليف نہ ڏيڻ

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

**ڪِير پيئڻ وقت پڙهڻ واري دعا:**

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْهِ وَزِدْنَا مِنْهُ

ترجمو: اي الله پاڪ! اسان کي ان ۾ برڪت ڏي ۽ اسان کي ان کان وڌيڪ عطا فرماءِ. (2)

# اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

**روزانو 56 نيڪ اعمال:**

(1): سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟

(3): هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمہ ۽ سُوْرَةُ الْاِخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ (7): شجري جا اوراد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪَنَن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظري کان بچندي نگاهون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة

1....الجامع الصغير، صفحہ:199، حديث:3316۔

2....ابوداود، كتاب الاشربۃ، باب مايقول اذاشرب اللبن، صفحہ:590، حديث:3730۔

المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟ **(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهہ ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ماني کاڌي؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قَبليہ سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰةاللّيل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليہ پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** ٻين کان گهري ڪري شيون (مثلاً جوتا، چادر، موبائل فون، چارجر، گاڏي وغيره) استعمال تہ نہ ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيوؤ؟ **(39):** ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ”مدني چينل“ ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ **(41):** وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر جي نماز کان بعد واري مدني حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجهہ نہ ڪجهہ جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** اسراف کان بچيوؤ؟ **(49):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(50):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل

ڪيو؟ **(51):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(52):** فضول گفتگو کان بچيا؟ **(53):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(54):** عمامو شريف ٻڌو؟ **(55):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو **12** پيرا ۞ اشاري سان گفتگو **12** پيرا ۞ نگاهون جُهڪائي گفتگو **12** پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

**(57):** اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ **(58):** هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ **(59):** هفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ **(60):** يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ **(61):** مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي عزيز جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ **(62):** هفتي ۾ ڪنهن ڏينهن روزو رکيو؟ **(63):** هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ **(64):** علاقائي دورو ڪيو **(65):** پهريان اچڻ وارا اسلامي پائر هاٽي نہ ٿا اچن انهن کي ٻيهر ماحول سان وابستہ ڪيو؟